# قبر جي عذاب جا ڪجھ سبب



09-May-2024

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان
(for Islamic Brothers)

9 مئي ، 2024 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# قبر جي عذاب جا ڪجھ سبب

هن بيان ۾ اوهان چاڻي سگھندؤ.........

- ✿... آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم قبر ۾ عذاب ٿيندي ڏٺو
- ✿.. قبر جي عذاب جا ٽي بنيادي سبب
- ✿... خيانت منافقت جي نشاني آهي
- ✿... صحابہ جي گستاخ تي لعنت

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَۃُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعۡدُ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ اللّٰه

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو، اللّٰه پاڪ ان تي ڏهه (10) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهه (10) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي، اللّٰه پاڪ ان تي سو (100) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سو (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهي اللّٰه پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.[1]

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحسن پر | سدا سلام کہو عمر بھر درود پڑھو
عبث گناہوں کی شامت میں مارے پھرتے ہو | خُدا کی تم پہ ہو رحمت اگر درود پڑھو[2]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الۡحَسَنَةُ تُدۡخِلُ صَاحِبَهَا الۡجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾

[1]...معجم اوسط ، جلد:5، صفحہ:252، حديث:7235۔

[2]...نورِايمان، صفحہ:57۔

داخل ڪري ڇڏيندي آهي.(1)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قبرِ ۾ عذاب ڏٺو

حضرت اَبُوامامہ باهَلي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ صحابي رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: **هڪ ڀيري** پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ٻن قبرن** وٽ تشريف ڪٺي آيا ۽ فرمايائون: ڇا هتي فلاڻا فلاڻا دفن آهن؟ صحابہ ڪِرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: جي ها! (**يَارَسُوْلَ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ارشاد فرمايائون. بيشڪ هاڻي هاڻي فلاڻي کي قبر ۾ ويهاري ماريو ويو آهي. پوءِ فرمايائون: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضهِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي! هن کي ايترو تہ، ماريو ويو آهي جو هن جو هڪ هڪ عُضوو جدا ٿي ويو آهي ۽ ان جي قبر ۾ **باهه** ڀڙڪائي وئي آهي ۽ هن اهڙي رڙ ڪئي آهي جو جنهن کي جنّن ۽ انسانن کان علاوه تمام مخلوق ٻڌو آهي ۽ جيڪڏهن توهان جي دلين ۾فساد نہ هجي (ها) ۽ توهان گهڻيون ڳالهيون نہ ڪيو ها، تہ توهان بہ اهو ٻڌو ها جيڪو مان ٻڌان ٿو، پوءِ فرمايائون هاڻي ٻئي کي بہ ماريو پيو وڃي. پوءِ فرمايائون: ان ذات جو قسم جنهن جي دستِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي ان کي بہ ايترو زور سان ماريو ويو آهي جو ان جي بہ هر هر هڏي جدا ٿي وئي آهي ۽ ان جي قبر ۾ **باهه** ٻاري وئي آهي ان بہ اهڙي رڙِ

---

1…بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

ڪئي جو جنھن ڪي جنّن ۽ انسانن جي علاوه تمام مخلوق ٻڌو آھي . ۽ جيڪڏھن توھان جي دلين ۾ فساد نہ ھجي ھا ۽ توھان گھڻو نہ ڳالھايو ھا تہ توھان بہ اھو ٻڌو ھا جيڪو مون ٻڌو آھي. صحابہ ڪِرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ عرض ڪيو. يَارَسُولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! انھن ٻنھي جو گناھ ڪھڙو آھي؟ ارشاد فرمايائون پھريون پيشاب کان نہ بچندو ھو ۽ ٻيو ماڻھن جو گوشت کائيندو (يعني غيبت ڪندو ھو . [(1)]

قبر میں آہ! گُھپ اندھیرا ہے روشنی ہو پئے رضا یاربّ!
سانپ لپٹیں نہ میرے لاشے سے قبر میں کچھ نہ دے سزا یاربّ!
نورِ احمد سے قبر روشن ہو وَحشَتِ قبر سے بچا یاربّ!

## قبر جو عذاب حق آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قبر جي عذاب کان الله پاڪ جي پناھ گھرون ٿا، الله ڪريم پنھنجي ڪرم سان اسان ڪي قبر جي عذاب کان محفوظ فرمائي...!! ياد رکو قبر جو عذاب حق آھي، سچ آھي، ھي بلڪل طئي آھي تہ ھي اُمَّت قبر ۾ آزمائي ويندي. قرآنِ مجيد ۾ ڪيئي ھنڌن تي اُن جو ذڪر آيو آھي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| مِمَّا خَطِيْٓـٰٔتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا نَارًا۬ (پاره:29، نوح:25) | ترجموڪنزالعرفان: اھي پنھنجي خطائن جي سبب ٻوڙيا ويا پوءِ باھ ۾ داخل ڪيا ويا. |

ھن آيتِ ڪريمہ جي تفسير ۾ لکيل آھي: ھن باھ مان مراد برزخ جي باھ (يعني قبر جو عذاب) آھي يعني انھن ڪي گناھن ۽ نافرمانين جي سبب قبر جي

[1]... ابوالُ القبور، الباب السادس، فصل انواع عذاب القبر، صفحہ:94۔

اندر باهہ ۾ اڇليو ويندو.[1]

## برزخ ڇا آهي

مُفَسِّرِشَهِيرحڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: قبر مان مراد عالمِ برزخ آهي جنهن جي ابتداء هر شخص جي موت کان آهي ۽ انتها قيامت تي، تنهنڪري جيڪو مردو دفن نہ ٿيو بلڪ ساڙيو ويو، يا ٻوڙيو ويو، يا ان کي شير کائي ويو ان کي بہ قبر جو حساب ۽ عذاب آهي.[2]

دے نزع و قبر و حشر میں ہر جا اَمان، اور | دوزخ کی آگ سے بچا، یاربِّ مصطفٰے

## هي اُمّت پنهنجي قبرن ۾ آزمائي ويندي

حضرت زيد بن ثابت رَضِيَ اللهُ عَنۡه بيان ڪن ٿا: حضور نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پيرو خچر تي سُوار ٿي ڪري هڪ باغ ۾ تشريف کڻي وياءِ اوچتو خچر گهٻرائجي ٽپ ڏيڻ لڳو، ڏٺو ويو تہ اتي چار، پنج قبرون هيون پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: انهن قبرن وارن کي ڪير ٿو سڃاڻي؟ هڪ شخص عرض ڪيو: مان سڃاڻان ٿو. فرمايائون: هي ڪڏهن مئا هئا؟ عرض ڪيائين: شرڪ ۽ ڪفر جي حالت ۾ مئا هئا. اُن تي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ هي اُمّت پنهنجي قبرن ۾ آزمائي ويندي. جيڪڏهن هي خوف نہ هجي ها تہ توهان مڙدا دفنائڻ ئي ڇڏي ڏيندا تہ مان الله پاڪ کان دعا ڪيان ها

---

1... روح المعانی ، پاره:29، سورۀ نوح، زيرِ آيت:25، جلد:15، صفحه:125۔

2... مراۃ المناجيح، جلد:1، صفحه:125بتصرف۔

تہ ھي قبر جو عذاب جيڪو مان ٻڌي رھيو آھيان، توھان کي بہ ٻڌائي.(1)

حضرت ابوسعيد خُدري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا: مان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان سفر ۾ گڏ ھيس ۽ پاڻ سڳورا پنھنجي سواري تي وڃي رھيا ھئا. اوچتو سواري (جو جانور) ٽپ ڏيڻ لڳو، مون عرض ڪيو: يارسول اللہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ھن کي ڇا ٿيو آھي؟ فرمايائون: ھن اُن ماڻھو جو آواز ٻڌي ورتو آھي جنھن کي قبر ۾ عذاب ڏنو پيو وڃي.(2)

| | |
|---|---|
| قبر میں گر نہ مُحَمَّد کے نظارے ہوں گے | حشر تک کیسے میں پھر تنہا رہوں گا یاربّ! |
| ڈنک مچھر کا سَہا جاتا نہیں، کیسے میں پھر | قبر میں بچھّو کے ڈنک آہ! سہوں گا یاربّ! |
| گھپ اندھیرے کا بھی، وَحشت کا بسیرا ہوگا | قبر میں کیسے اکیلا میں رہوں گا یاربّ! |
| گر کفن پھاڑ کے سانپوں نے جمایا قبضہ | ہائے بربادی! کہاں جا کے چھپوں گا یاربّ! |
| قبر محبوب کے جلووں سے بسا دے مالِک | یہ کرم کر دے تو میں شاد رہوں گا یاربّ! |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر جي عذاب جون ڪجھ جھلڪيون

پيارا اسلامي ڀائرو! خوف جو مقام آھي.....!!افسوس! ❁قبر ھڪ تہ ھوندي ئي تمام سوڙھي آھي ❁ پوءِ اُتان جو انتھائي وحشت ڏيارينڙ انڌيرو ❁ تنھائي ❁ پوءِ ان سان گڏوگڏ عزيز رشتيدار ❁ دوست احباب ۽

---

1…مسلم،ڪتاب الجنۃ...الخ، باب عرض مقعد الميت...الخ، صفحہ:1099، حديث:2867۔

2…معجم اوسط،جلد:2، صفحہ:304، حديث:3366۔

دنياوي سازو سامان رهجي وڃڻ جو صدمو....!! انسان جي دل تڙپائڻ جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي پر افسوس.....!! ❁ جيڪي گنهگار آهن ❁ الله ۽ رسول جون نافرمانيون ڪرڻ وارا آهن ❁ زڪوات فرض هجڻ جي باوجود ادا نہ ڪرڻ وارا آهن❁ سودي لين دين ڪرڻ وارا آهن ❁ شراب پيئڻ ❁ ڏاڙهيون ڪوڙائڻ ❁هڪ مٺ کان گهٽائڻ وارا آهن ❁والدين کي ستائڻ وارا آهن ❁غيبتون ۽ چغليون ڪرڻ وارا آهن ❁ڳائڻ وڄائڻ ٻڌڻ وارا آهن ❁فلمون ڊراما ڏسڻ وارا آهن❁ مسلمانن کي ناحق تڪليف ڏيڻ وارا آهن ❁غريبن کي ستائڻ وارا آهن❁ ٻين جا حق کائڻ وارا آهن ❁افسوس! جيڪي نافرمان آهن ❁گناهن جو بازار گرم ڪرڻ وارا آهن، الله نہ ڪري، جيڪڏهن ان جي رحمت کان محرومي ٿي ۽ قبر ۾ گناهن سبب پڪڙ ٿي وئي تہ اُن تنهائي، وحشت ۽ انتهائي صدمن سان گڏو گڏ عذاب بہ مسلط ٿي سگهي ٿو، ها! ها! قبر جو عذاب انتهائي سخت آهي ❁ جڏهن گنهگار قبر ۾ لهندو آهي تہ قبر تمام سخت لهجي ۾ ان کي ڇڙٻيندي آهي ❁پوءِ قبر جون ديوارون پاڻ ۾ ملڻ شروع ٿي وينديون آهن، ملنديون ويندیون آهن، ملنديون ويندیون آهن، ايستائين جو مڙدو انهن ديوارن جي درميان اچي پسجي ويندو آهي ۽ ان جون پاسراٽيون هڪٻئي سان ملي ويندیون آهن.❁ قبر ۾ باھ بہ ڀڙڪي سگهي ٿي❁ نانگ وڇون بہ چنبڙي سگهن ٿا ❁ عذاب ڏيڻ وارا ملائڪ لوھ جي هٿوڙي سان انتهائي سختي سان ماريندا آهن ❁ڪجھ گنهگارن تي هڪ انڌو ۽ ٻوڙو جانور مُسلَّط ڪيو ويندو آهي، جنهن وٽ لوھ جو وڏو هٿوڙو هوندو آهي، اهو هن هٿوڙي سان مُردي کي ماريندو آهي ❁ ڪجھ کي اهڙي طرح ماريو ويندو آهي جو سندس جسم پگهري وهي ويندو آهي، پوءِ پهرين حالت تي ايندو آهي، وري ماريو ويندو آهي ❁ ڪجھ جي قبر ۾ خوفناڪ وڏا نانگ

مُسلَّط ڪيا ويندا آھن ❁ ڪجھ کي ٻاھ جي زنجيرن سان جڪڙيو ويندو آھي ❁ ۽ ڪجھ کي ٻاھ جو لباس پارايو ويندو آھي.

اي عاشقانِ رسول! ٿورو تَصوُّر ڪيو! ڇا ھي اھڙا عذاب آھن جن کي اسان برداشت ڪري سگھنداسين...!! افسوس! جان نڪرڻ جي تڪليف پنھنجي جڳھه، دنيا وڃڻ جو صدمو پنھنجي جڳھه، قبر جي تنھائي، وحشت، سخت انڌيرو، ھي سڀئي پنھنجي جڳھه صدما آھن، پوءِ انھن سان گڏو گڏ الله نہ ڪري، الله نہ ڪري...!! جيڪڏھن اسان تي ڪو عذاب مُسلَّط ڪيو ويو تہ ٿورو سوچو تہ سھي...!! تَصَوُّر تہ ڪيو! ان وقت اسان ڪيڏي وينداسين..!! ڪنھن کي پڪاريندا سين..!! ڪنھن کان مدد گھرنداسين...!! انھن سخت ترين عذابن کان ڪيئن ڇوٽڪارو ماڻينداسين...؟

الله پاڪ ڪرم فرمائي! ڪاش! ان جي رحمت تي، پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمائن، رڳو! انھي ئي صدقي عذاب کان ڇوٽڪارو ملي وڃي.

نہ چھوڑے جُرم چھٹتے ہیں، نہ مارے نفس مرتا ہے
نہ جانے نیک آخر کب بنوں گا یارسولَ اللہ!
اندھیرا کاٹ کھاتا ہے، اکیلے خوف آتا ہے
تو تنہا قبر میں کیونکر رہوں گا یارسولَ اللہ!
نَکِیْرَین امتحاں لینے کو جب آئیں گے تُربت میں
جوابات ان کو آقا...! کیسے دُوں گا یارسولَ اللہ!
برائے نام دردِ سَر سہا جاتا نہیں مجھ سے
عذابِ قبر کیسے سہہ سکوں گا یارسولَ اللہ!

يہاں چیونٹی بھی تڑپا دے، مجھے تو قبر کے اندر
میں کیونکر ڈنک بچھو کے سہوں گا یارسولَ اللّٰہ!
لپک کر آگ کے شعلے لپٹتے ہوں گے، بربادی...!!
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللّٰہ!
فرشتے ڈانٹتے ہوں گے، ہتھوڑے مارتے ہوں گے
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللّٰہ!
وہاں سانپ اور بچھو بھی مسلسل ڈس رہے ہوں گے
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللّٰہ!
نہ مانگے موت آئے گی، نہ بیہوشی ہی چھائے گی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللّٰہ!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عذابِ قبر کان پناھ گھرو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ھي اھڙا سخت سخت عذاب آھن، يقين مڃو! جيڪڏھن انهن عذابن ۾ ڦاسي وياسين تہ تمام مشڪل ٿي ويندي، اَڄ اسان زندھ آھيون، ھاڻي موقعو آھي، اسان کي گھرجي تہ عذابِ قبر کان پناھ گھرندا ڪيون، حضرت جابر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ کان روايت آھي، ھڪ ڀيرو سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ھڪ باغ ۾ تشريف کڻي ويا تہ اُتي ڪجھ قبرون بہ ھيون، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جڏھن انهن قبرن ۾ ٿيڻ واري عذاب جا آواز ٻڌا تہ بي چين ٿي ڪري ٻاھر تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: اِسْتَعِيْذُوْا مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ اللہ پاڪ جي

بارگاھ ۾ قبر جي عذاب کان پناھ گھرو...!! (1)

اچو مصطفٰي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حڪم تي عمل جي نيت سان پناھ گھرون ٿا:

نَعُوۡذُبِاللّٰهِ مِنۡ عَذَابِ الۡقَبۡرِ(اسان قبر جي عذاب کان الله پاڪ جي پناھ گھرون ٿا)

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ﺑﻪ گھرجي ﺗﻪ اسان قبر جي عذاب کان پناھ گھرون، پوءِ ان کان گڏوگڏ انهن گناھن کان ﺑﻪ بچندا رهون جيڪي قبر جي عذاب جو سبب بڻجندا آهن. اچو! اهڙن ڪجھ گناھن جي باري ۾ ٻڌون ٿا:

## پيشاب جي ڇنڊن کان ﻧﻪ بچڻ جو وبال

**حضرت** اَبو بَڪره رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ فرمائن ٿا ﺗﻪ مان هڪ پيرو سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! سان گڏ ڪاٿي وڃي رهيو هيس ﺗﻪ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو. ائين هلندي هلندي اسان پنهنجي **سامهون ﺑﻪ قبرون** ڏٺيون ﺗﻪ جنابِ رِسَالتِ مَآب صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو انهن ٻنهي کي **عذاب** ٿي رهيو آهي ۽ ڪنهن اهڙي گناھ جي ڪري عذاب ﻧﻪ ٿي رهيو آهي جو جنهن کان بچڻ مشڪل هجي، پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڪيرآهي جيڪو مون کي ٽاري ڪٽي ڏئي. هڪ شخص جلدي مان ويو ۽ ٽاري ڪٽي آيو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان ٽاري جا ﺑﻪ ٽڪرا ڪيا ٻنهي قبرن تي هڪ هڪ ٽڪرو رکيو، پوءِ ارشاد فرمايائون هي جيستائين ساوا رهندا انهن تي عذاب ۾ گھٽتائي رهندي ۽ انهن ٻنهي کي **غيبت** ۽ **پيشاب** جي ڪري عذاب ٿي رهيو آهي. (2)

## نگاھِ مصطفٰي ﷺ جو ڪمال

پيارا اسلامي ڀائرو! سيني کان ڦهريان ﺗﻪ هن حديث پاڪ جي روشني ۾

[1]... مسند امام احمد ، جلد:11، صفحہ:171، حديث:27803۔

[2]... مسند امام احمد، جلد:8، صفحہ:256، حديث:20910۔

نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪمال ڏسو! هتي اهو نہ سمجهو تہ قبر تي چند مَڻ مٽي آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان مٽي جي هيٺيان ڏسي ورتو، نہ، نہ!....ايئن ناهي، اهو جهان تبديل آهي، قبر ۾ اندر جهاتي پائي ڏسڻ هونئن ئي شرعاً درست ناهي، باقي برسات وغيره جي سبب ڪڏهن قبر کلي وڃي تہ اسان کي اتي ڪجھ بہ نظر نہ ايندو، ڇو؟ ان ڪري جو جيڪو اسان ڏسي رهيا آهيون اها دنيا آهي، مُردي سان جيڪي ڪجھ معاملات ٿي رهيا آهن، اهي دنيا ۾ نہ بلڪ ٻي جهان يعني عالم برزخ ۾ ٿي رهيا آهن. پر قربان وڃجي! هي **نگاهِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪمال آهي، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن دنيا ۾ ظاهري حيات سان تشريف فرما آهن، هي جهان عليحده آهي، عالمِ برزخ الڳ جهان آهي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن جهان ۾ رهندي ٻي جهان کي ڏسي بہ رهيا آهن ۽ ٻي جهان ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڪهڙي سبب ٿي رهيو آهي؟ اهو سڀ ڪجھ ڄاڻي بہ رهيا آهن.

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نگاهِ مصطفيٰ جو ڪمال بيان ڪندي فرمائن ٿا:

شش جِہَت سمتِ مُقابِل شب و روز ایک ہی حال
دُھوم وَالنَّجۡم میں ہے آپ کی بینائی کی (1)

**وضاحت:** سمتِ مقابل: يعني سامهون جي طرف. هي اسان جهڙا عام ماڻهو آهن، اسان کي صرف اها ئي شيءِ نظر ايندي آهي جيڪا اسان جي اکين جي سامهون هجي پر نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اهو ڪمال آهي جو پاڻ مٿي، هيٺ، ساڄي، کاٻي، اڳيان پويان، هر طرف ڏسندا آهن، ڇھ جون ڇھ سمتون (يعني ساڄي، کاٻي، مٿي، هيٺ، اڳيا، پويان) پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ ايئن آهن جيئن عام اک جي لاءِ سامهون جي سمت هوندي آهي ۽ هي ايئن ناهي جو ڪنهن خاص وقت هوندو آهي بلڪ ڏينهن رات، هر وقت، هر گهڙي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نگاهِ پاڪ جو اهو ئي ڪمال آهي. جيڪڏهن ان جو دليل

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:154۔

ڏسڻو آهي تہ سيپاري: 27، سوره وَالنَّجْم پڙهو، الله پاڪ هن سورت ۾ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏسڻ جي قوت جو ڪمال بيان فرمايو آهي.

## (2) ٻہ خطرناڪ گناھ

**پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث شريف مان اسان کي اهو بہ سکڻ جي لاءِ مليو تہ چغلي ۽ پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچڻ تمام خطرناڪ گناھ آهن.** انهن ٻئي گناهن جي سبب انهن مُردن کي عذاب ٿي رهيو هو ۽ پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي باري ۾ فرمايو: مَايُعَذِّبَانِ فِيْ كَبِيْرٍ يعني انهن کي عذاب ڪنهن اهڙي گناھ جي سبب ناهي ٿي رهيو جن کان بچڻ نهايت مشڪل آهي. (1)

خبر پئي! چغلي ۽ پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچڻ اهڙا گناھ ناهن جن کان بچڻ مشڪل هجي پر افسوس! اڄڪلھ حالات ڏاڍا ابتا ٿي ويا آهن، اڄوڪي دور ۾ نيڪي ڪرڻ مشڪل ۽ گناھ ڏاڍا آسان ٿي ويا آهن، اهڙا گناھ جن سان بچڻ مشڪل ناهي، اسان جو معاشرو انهن گناهن جي لپيٽ ۾ اچي چڪو آهي. ❁ غيبت ڪي ٿي ونو! فساد ڪرائڻ جي لاءِ هڪ شخص جي ڳالھ ٻئي تائين پهچائڻ غيبت چورائيندو آهي. (2) ❁ غيبت ناجائز و حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. (3) پر افسوس! اسان جي حالت اهڙي آهي جو ❁ بس ۾ شخص ڪٿي ويهي رهن، غيبت، چغلي❁ گهرن ۾ غيبتون، چغليون ❁ بازار ۾ دڪاندار پاڻ ۾ هڪٻئي جون غيبتون ڪندا آهن ❁ آفيسن ۾ غيبتون، چغليون❁ دوستن جي ويهڪ ۾ غيبت، چغلي مطلب تہ انهن گناهن جي ايتري ڪثرت آهي جو بس **الله پاڪ جي پناھ...!!** اڄڪلھ هن کان بچڻ ڏاڍو مشڪل

1 بخاری، کتاب الجنائز، باب الجريد على القبر، صفحہ:381، حديث:1361۔
2 الحديقة الندیہ، القسم الثانی، المبحث الاول، النوع السابع فی النميمة، جلد:4، صفحہ:63
3 الحديقة الندیہ، القسم الثانی، المبحث الاول، النوع السابع فی النميمة، جلد:4، صفحہ:64 بتصرف

آهي. سوچي ڳالهائڻ جي تہ عادت بلڪل نہ هجڻ جي برابر آهي، لھٰذا چڱا ڀلا لکيل پڙهيل بہ گفتگو ۾ بي احتياطون ڪندا آهن ❁ غيبت ٿي رهي هوندي آهي ❁ چغلي ٿي رهي هوندي آهي ❁ ڪوڙ ڳالهائي رهيا هوندا آهن پر اندازو تائين ناهي ٿيندو تہ "مون هاڻ جيڪو ڳالهايو، هي ڪيترو سخت جرم ٿي ويو آهي" بس زبان هلي رهي آهي ۽ گناهہ تي گناهہ ٿي رهيا آهن.

❁ اهڙي طرح پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچڻ جو معاملو آهي غير مُهَذّب ماڻهو گهٽين ۾، ديوارن جي سامهون پيشاب ڪندا آهن، هن بيشرمي واري ڪم ۾ جتي ٻيون ڪوڙ برائيون آهن، اُتي پيشاب جي ڇنڊن کان پاڻ کي بچائڻ بہ نهايت مشڪل هوندو آهي ۽ عام طور ايئن ڪرڻ وارا پاڻ کي ناپاڪ ڇنڊن کان بچائڻ جو لحاظ بہ ناهن ڪندا ❁ ڪيئي دفعا **W.C** (يعني واش روم ۾ ويهڻ جي سيٽ) گهٽ ڪِهري لڳائي ويندي آهي، ان صورت ۾ بہ خصوصاً پيرن کي ناپاڪ ڇنڊن کان بچائڻ مشڪل ٿيندو آهي، جيڪي پاڪائي ناپاڪائي جا احڪام نٿا ڄاڻين يا جيڪي نماز جا عادي ناهن، انهن جي عموماً هن طرف توجهہ بہ ناهي ويندي، واش روم ڪرڻ کان بعد هٿ تہ ڌوئيندا ئي آهيون پر پير ناپاڪ ئي رهجي ويندا آهن ❁ بلڪ هاڻي تہ بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي، خاص ڪري ايئرپورٽ ۽ ٻين ڪيئي هنڌن تي بيهي ڪري پيشاب ڪرڻ جو انتظام هوندو آهي، هن صورت ۾ بہ جسم ۽ ڪپڙن کي پيشاب جي ناپاڪ ڇنڊن کان بچائڻ سخت مشڪل ڪم آهي. ياد رکو! پاڻ کي پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچائڻ گناهہ آهي، غيب ڄاڻڻ واري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: پيشاب کان بچو! عام طور تي عذابِ قبر انهيءَ ڪري ٿيندو آهي.[1]

1 سنن الدار قطنى، كتاب الطہارة، جلد:1، صفحہ:98، حديث:458۔

# قبر جي عذاب جا ٽي بنيادي سبب

حضرت قَتاده رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته قبر جي عذاب کي 3 حِصّن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي (1): هڪ ٽهائي عذاب غيبت جي ڪري (2) هڪ ٽهائي عذاب چغلي جي ڪري (3) ۽ هڪ ٽهائي عذاب پيشاب(جي ڇنڊن کان پاڻ کي نه بچائڻ) جي ڪري ٿيندو آهي.[1]

## باهه جون ڪليون

**حضرتِ** حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هٿ مبارڪ تي هڪ اهڙي **ڪفن چور** توبهه ڪئي جنهن سوين ڪفن چورايا هئا. **حضرتِ** حسن بصري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي پُڇڻ تي ان ٽن قبرن جا **ديڄاريندڙ واقعا** بيان ڪيا. انهن مان هڪ قبر جو حال بيان ڪندي ان چيو: هڪ پيرو مون هڪ **قبر** کوٽي ته ان ۾ هڪ خوفناڪ منظر هيو. مُردي جي زبان ڪياڙي مان نڪتل هئي ۽ ان جي جسم ۾ باهه جون ڪليون نوڪيل هيون. غيبي آوازَ ٻُڌايو: هي **غيبت** ڪندو هو، **چُغلي** هٽندو هو ۽ ماڻهن کي پاڻ ۾ ويڙهائيندو هو.[2]

| | |
|---|---|
| بدگمانی، جُھوٹ، غیبت، چغلیاں | چھوڑ دے تُو رَبّ کی نافرمانیاں |
| ہو گیا تجھ سے خُدا ناراض گر | قبر سُن لے آگ سے جائے گی بَھر |

## پاڪيزگي، صفائي سٿرائي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان تي لازم آهي ته عذابِ قبر کان بچڻ جي لاءِ غيبت کان به بچون، چغلين کان به بچون ۽ گڏوگڏ عذابِ قبر جو هڪ ٻيو سبب به بيان ٿيو: پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ...!! هن بُري ڪم کان بچڻ به لازم ۽ ضروري آهي

1 موسوعة ابن ابی الدنيا، كتاب:الغيبة والنميمة، جلد:4، صفحه:355، حديث:52۔

2 ...کفن چور کے انکشافات،صفحہ:5۔

❖پاڻ کي صاف سٿرو رکڻ فطرت جو تقاضو آهي ❖ ۽ شريعت جو حڪم بہ، ❖ جيڪو شخص صاف سٿرو رهندو آهي اهو اللہ پاڪ جي ويجهو قابلِ تعريف آهي، ❖ اميري هجي يا فقيري هر حال ۾ صفائي ۽ سٿرائي انسان جو وقار آهي ❖ هر مسلمان جو هي اسلامي نشان آهي تہ هُو پنهنجي بدن، پنهنجي مڪان ۽ سامان، پنهنجي دروازي ۽ صحن وغيره هر شيء جي پاڪي ۽ صفائي سٿرائي جو هر وقت خيال رکي ❖ گندگي انسان جي عزت ۽ عظمت جي بدترين دشمن آهي انهي ڪري مرد ۽ عورت کي صفائي سٿرائي جي عادت وجهڻ گهرجي ❖ صفائي سٿرائي سان صحت ۽ تندرستي وڌندي آهي ❖ ۽ هزارين بيماريون پري ٿي وينديون آهن.

❖حضور، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللہ پاڪ آهي، پاڪائي پسند فرمائيندو آهي، سٿرو آهي سٿرائي پسند ڪندو آهي.(1) ❖ هڪ حديث شريف ۾ ارشاد ٿيو: اَلطَّهُوْرُ شَطْرُ الْاِيْمَان يعني پاڪيزگي اڌ ايمان آهي. (2) ❖هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ اَلنَّظَافَةُ تَدْعُو اِلَى الْاِيْمَانِ پاڪيزگي ايمان جي طرف سڏيندي آهي(3) ❖ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرْوَر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ نظافت نشان آهي: بُنِيَ الدِّيْنُ عَلَى النَّظَافَةِ يعني دين جي بنياد طهارت تي آهي. (4)

اللہ پاڪ اسان کي صفائي سٿرائي ۽ پاڪيزگي جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم

---

[1]…ترمذی،کتاب الادب ،باب ماجاء فی النظافۃ،صفحہ:654، حدیث:2799۔

[2]… مسلم،کتاب الطہارۃ ،باب فضل الوضوء ، صفحہ:106، حدیث:223۔

[3]… فیض القدیر، جلد:3، صفحہ:356، زیرِ حدیث:3369۔

[4]…الشفا، الباب الثانی…الخ، فصل اما نظافۃ جسمہ…الخ، جزء:1، صفحہ:56۔

# بي وضو نماز پڙهڻ جو وبال

حضرت عمروبن شُرَحبِيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص جو انتقال ٿي ويو، ماڻهو ان کي پرهيزگار سمجهندا هئا پر جڏهن هُو پنهنجي قبر ۾ پهتو ملائڪن چيو: اسان توکي عذاب جا 100 ڪوڙا هڻنداسين. ان چيو: توهان مون کي ڪوڙا چو هڻندؤ، چا مان پرهيزگار نہ هيس؟ چيائون: هلو! 50 ڪوڙا هڻنداسين. ان وري چيو: چا مان پرهيزگار نہ هيس؟ ايئن ئي اُن شخص ۽ ملائڪن جي وچ ۾ گفتگو هلندي رهي، ايستائين جو ڳالھ هڪ ڪوڙي تي اچي بيني، هاڻي تہ ملائڪن ان کي هڪ ڪوڙو هڻي ڇڏيو. بس اهو هڪ ئي ڪوڙو لڳڻ جي دير هئي تہ قبر ۾ باھ ڀڙڪي پئي ۽ اهو مڙدو سڙي خاڪ ٿي ويو. ان کي وري پهرين حالت ۾ آندو ويو. هاڻي ان چيو: توهان مون کي هي ڪوڙو چو هنيو؟ ملائڪن چيو: **هڪ ڏينهن تو بنا وضوءَ جي نماز پڙهي هئي ۽ هڪ ڏينهن مظلوم توکان مدد گهري هئي پر تو(طاقت جي باوجود) ان جي مدد نہ ڪئي هئي.**[1]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ڪيتري سخت ڳالھ آهي، اهو شخص نمازون پڙهندو هيو، نيڪ ڪم ڪندو هيو، گناهن کان بچندو هيو، نيڪ هيو، پرهيزگار هيو پر......!!

عدل کریں تا تھر تھر کنبن اُچیاں شاناں والے

مفهوم: يعني الله پاڪ جيڪڏهن انصاف فرمائي(يعني صرف پنهنجي رحمت سان بخشش نہ ڪري بلڪ اعمال جو حساب وٺي) تہ وڏي وڏي شان وارا بہ ڏڪڻ لڳندا.

ان نيڪ شخص کان غلطي اها ٿي، هڪ ڏينهن اُن وضو جي بغير

[1] مصنف ابن ابی شیبۃ،کتاب الزھد، کلام علقمۃ،۲۱۵/۸،حدیث:۱۳

نماز پڙهي هئي، تنهنڪري اهڙو سخت عذاب ٿيو...!! ملائڪن ان کي صرف هڪ ڪوڙو هنيو، جنهن سان قبر ۾ باهه ڀڙڪي پئي ۽ اهو مڙدو سڙي خاڪ ٿي ويو...!!! اَلْاَمَانوَالْحَفِيظ...!!

الله پاڪ اسان کي قبر جي عذاب کان محفوظ فرمائي! اسان کي گهرجي ته پنهنجو وضو صحيح ڪيون..!! افسوس! اَڄڪلهه علمِ دين کان دوري آهي، دنيا جو علم ته تمام گهڻو اچي ٿو پر دين سکڻ جي واندڪائي نٿي ملي....!! شايد هزارين نه بلڪ لکين مسلمان هوندا جن کي صحيح طريقي سان وضو ڪرڻ به نه ايندو هوندو، جي ها! هي بلڪل سچ آهي ❖ لکين مسلمان هوندا جن کي وضو جي فرضن جو به علم نه هوندو ❖ پوءِ اسان وٽ وضو جلدي جلدي ۾ ڪرڻ جي به عادت عام آهي ❖ پهريان ته مسجد ۾ اچڻ جي واندڪائي نٿي ملي، جيڪي ايندا آهن، انهن ۾ به هڪ تعداد آهي بس جلدي جلدي ۾ وضو ڪندا آهن ❖ ڪنهن جون ٻانهون سڪل رهجي وينديون آهن ❖ ڪنهن جون کڙيون سُڪل رهجي وينديون آهن ❖ ڪنهن جي کُڙين تي پاڻي ناهي پڄندو. ❖ ڪو صرف منهن تي رڳو پاڻي جا ڇنڊا هڻي سمجهندو آهي ته منهن ڌوپجي ويو جڏهن ته پيشاني جو ڪجھ حصو ❖ ڄاڙي جي هيٺ جو ڪجھ حصو سُڪل رهجي ويندو آهي، ايئن بس جلدي جلدي ۾ اڌورو وضُو ڪري نماز شروع ڪري ڇڏيندا آهيون...!! ياد رکو! وضو نماز جي ڪنجي آهي، وضو پورو نه هجي ته نماز ٿيندي ئي ناهي. پر افسوس! اسان وُضو سکي وٺون، ان جي واندڪائي ناهي ملندي. رڳو ائين اڌورو وضو ڪري نمازون پڙهڻ لڳي ويندا آهيون ۽ فڪر ئي ناهي ٿيندي ته هي به هڪ سنگين غلطي آهي.

## بي وضو جي نماز قبول ناهي

ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، منهنجي ۽ اوهان جي آقا، مڪي مدني

مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بي وضو جي نماز قبول ناهي ايستائين جو وضو ڪري.[1]

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: قبول مان مراد نماز جو جائز هجڻ آهي. (يعني جنهن جو وضو صحيح نہ هجي، اُن جي نماز شروع ڪان ٿيندي ئي ناهي) بلڪ عالم سڳورا فرمائن ٿا: **نماز کي هلڪو سمجهندي ڄاڻي واڻي بي وضو نماز پڙهڻ ڪفر آهي**.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! ❖ پنهنجو وضو صحيح ڪرڻ ۽ وضو جا فضائل معلوم ڪرڻ جي لاءِ امير اهل سنت حضرت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو وضو جو طريقو (حنفي) پڙهي ونو! ❖ اهڙي طرح دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه! طهارت ڪورس ۽ فيضانِ نماز ڪورس بہ ڪرايو ويندو آهي، مختصر ڪورس آهن، هي ڪورس ڪري ونو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! وضو، نماز ۽ طهارت وغيره جي متعلق فرض علم دين سکڻ نصيب ٿيندو.

عمل کا ہو جذبہ عطا یااِلٰہی! | گُناہوں سے مجھ کو بچا یااِلٰہی!
دے شوقِ تِلاوت، دے ذوقِ عبادت | رہوں باوُضو میں سدا یااِلٰہی!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]…بخاری،کتاب الوضوء، باب لا تقبل صلاة بغير طهور، صفحہ:110، حدیث:135۔

[2]…بہارِ شریعت، جلد:1، صفحہ:282، حصہ:2بتصرف۔

## نماز قضا ڪري پڙهڻ جو وبال

حضرت عمروبن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص جي ڀيڻ فوت ٿي وئي ته جڏهن هو ان کي دفن ڪري موٽيو ته ياد آيس ته رقم جي ٿيلهي قبر ۾ ڪِري پئي آهي، سو هو پنهنجي ڀيڻ جي قبر تي واپس آيو ۽ ان کي کوٽيائين ته جيئن ٿيلهي ڪڍي ڇا ته ڏسي ته ڀيڻ جي قبر ۾ باھ جا شعلا ڀَڙڪي رهيا آهن. پوءِ ان جيئن تيئن قبر تي مٽي وِڌي ۽ غمگين روئندو ماءُ وٽ اچي پُڇيا ڪيائين: پياري امڙ! منهنجي ڀيڻ جا عمل ڪهڙا هئا؟ اها چوڻ لڳي: پٽ ڇو ٿو پُڇين؟عرض ڪيائين:”مون پنهنجي ڀيڻ جي قبر ۾ باھ جا شعلا ڀَڙڪندي ڏٺا آهن.“ اهو ٻُڌي ڪري ماءُ روئڻ لڳي ۽ چيائين: افسوس! ❖ تنهنجي ڀيڻ نماز ۾ سُستي ڪندي هئي ۽ ❖ نماز قضا ڪري پڙهندي هئي ۽ ❖ منهنجي خيال ۾ بي وضو به نماز پڙهندي هئي ۽ ❖پاڙيسرين جي دروازي تي ڪن لڳائي سندن راز جون ڳالهيون ٻڌندي هئي. (1)

## بي نمازي جو انجام

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! هن عبرتناڪ ۽ سبق آموز واقعي تي ٿورو غور فرمايو! سوچو ته جڏهن نمازن کي قضا ڪري پڙهڻ جي سزا هي آهي جو اُن جي قبر جهنم جي کڏ ٻڻجي ويندي آهي ته شروع کان نماز نه پڙهڻ وارن جو ڪيتري قدر خوفناڪ انجام ٿيندو. **حضرتِ امام** حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هٿ مبارڪ تي هڪ اهڙي **ڪفن چور** توبهه ڪئي جنهن سوين ڪفن چورايا هئا ان پنهنجو هڪ واقعو ٻڌائيندي چيو: هڪ موقعي تي جڏهن ڪفن چورائڻ جي ارادي سان مون قبر کوٽي ته **هڪ ڪارو مُردو زبان ڪڍي ٻيهي رهيو! ان**

---

[1]...موسوعة ابن ابی دنيا، كتاب القبور، جلد:7، صفحه:75، رقم:97۔

جي چئني پاسن کان باهه ان کي ساڙي رهي هئي، فرشتا ان جي ڳچيءَ ۾ زنجيرون ٻَڌي بيٺا هئا. ان شخص مون کي ڏسندي ئي رڙ ڪندي چيو:"ياءَ! مان ڏاڍو اجارو آهيان مون کي ٿورو پاڻي پيئاريو." فرشتن مون کي چيو: خبردار!ان **بي نمازيءَ** کي پاڻي نه ڏجانءِ. پوءِ مون همٿ ڪري ان مُردي کان پُڇيو: تون ڇا ڪندو هئين ۽ تنهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي؟ ان جواب ڏنو:"مان مسلمان هيس پر افسوس! مون الله پاڪ جون گهڻيون نافرمانيون ڪيون آهن ۽ مون جهڙا ڪيترائي گناهگار عذاب ۾ گرفتار آهن.[1]

## بي نمازي جو هولناڪ انجام

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! پنهنجي نمازن جي فڪر ڪيو! ❖ بيشڪ بي نمازي کان الله پاڪ ناراض ٿيندو آهي ❖ جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ پيرو نماز ڇڏيندو آهي ان جو نالو جهنم جي دروازي تي لکيو ويندو آهي. ❖ نماز ۾ سستي ڪرڻ واري کي قبر اهڙي طرح ڏٻائيندي آهي جو ان جون پاسراٽيون ٽٽي ڪري پاڻ ۾ ملي ويندیون آهن ❖ اُن جي قبر ۾ باهه ڀڙڪائي ويندي ❖ اُن تي هڪ گنجو نانگ مُسَلّط ڪيو ويندو ❖ ۽ قيامت جي ڏينهن ان جو حساب سختي سان ورتو ويندو.

بے نَمازی تیری شامت آئے گی ‏ ‏ قبر کی دیوار بس مل جائے گی
توڑ دے گی قبر تیری پسلیاں ‏ ‏ دونوں ہاتھوں کی ملیں جُوں اُنگلیاں
عمر میں چُھوٹی ہے گر کوئی نَماز ‏ ‏ جلد ادا کرلے تُو آ غفلت سے باز
کرلے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی ‏ ‏ قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

---

[1]…کفن چوروں کے انکشافات ، صفحہ:2، 3۔

## هولناڪ کوهه

ياد رکو! هي بي نمازي کي قبر ۾ ملڻ وارو عذاب آهي ۽ آخرت ۾ جا عذاب ٿيندو، اهو به ٻڌي ونو! سيپاري 30، سُورة الماعُون جي آيت نمبر 4 ۽ 5 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ﴿۴﴾ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ﴿۵﴾ | ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ خرابي آهي انهن نمازين جي جيڪي پنهنجي نماز کان غافل ويٺا آهن. |

مشهور مفسر مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: نماز ڪڏهن نه پڙهڻ، پابندي سان نه پڙهڻ، صحيح وقت تي نه پڙهڻ، فرضن ۽ واجبن کي صحيح طريقي سان ادا نه ڪرڻ، نماز جي پرواهه نه ڪرڻ، شوق سان نه پڙهڻ، سوچي سمجهي ادا نه ڪرڻ، سستي، بي پرواهي سان پڙهڻ . هي سڀ نماز کي ويسارڻ جون صورتون آهن.(1)

## جهنم ۾ وڃڻ جو حڪم

منقول آهي ته قيامت جي ڏينهن هڪ شخص کي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ بيهاريو ويندو، الله پاڪ ان کي جهنم ۾ وڃڻ جو حڪم فرمائيندو، اهو عرض ڪندو: ياالله! مونکي ڪهڙي سبب جي ڪري جهنم ۾ موڪليو پيو وڃي؟ ارشاد ٿيندو: **نمازن کي ان جو وقت گذاري پڙهڻ ۽ منهنجي نالي جا ڪوڙا قسم کڻڻ جي ڪري.**(2)

1 ( نورُ العرفان ص۹۵۸)۔

2 ... مكاشفة القلوب، باب فی بیان عقوبة تارک الصلاة، صفحه:274۔

## نماز دين جو ستون آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله! اسان مسلمان آهيون ۽ هڪ مُسلمان تي روزانو 5 وقت جون نمازون فرض آهن. مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمرفاروق رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ هڪ شخص عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ جي نزديڪ سڀني کان وڌيڪ پسنديده شيءِ ڪهڙي آهي؟ فرمايائون: **وقت ۾ نماز پڙهڻ ۽ جنهن نماز ڇڏي ان جو ڪو دين ناهي. نماز دين جو ستون(ٿنڀ) آهي.** [1]

## نماز جون برڪتون

معلوم ٿيو! نماز مسلمانن جي لاءِ نهايت اهم فرض آهي پر افسوس جو اڄ اسان جون مسجدون ويران آهن، الله پاڪ توفيق بخشي، اسان سڀئي پنج ئي نمازون جماعت سان پڙهڻ وارا بڻجي وڃون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. ❖ يقيناً نماز دين جو ستون آهي ❖ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جو سبب نماز آهي. (تنبيہ الغافلين ص150) ❖ مڪي مدني صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين جي ٿڌاڻ نماز آهي. (سنن ڪبريٰ للنسائي جلد5 ص280،حديث:8888) ❖ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنت نماز آهي. (تنبيہ الغافلين ص151) ❖ نماز اونداهي قبر جو ڏيئو آهي. (تنبيہ الغافلين ص151) ❖ نماز عذابِ قبر کان بچائيندي آهي. (الزواجر جلد1ص295) ❖ نماز قيامت جي تپش کان ڇانوَ آهي. (تنبيہ الغافلين ص151) ❖ نماز پل صراط جي لاءِ آساني آهي. (تنبيہ الغافلين ص151) ❖ نماز نور آهي. (مسلم شريف ص115،حديث:534) ❖ نماز جنت جي ڪنجي آهي. (مسند امام احمد جلد5 ص103، حديث:14668) ❖ نماز جهنم جي عذاب کان بچائيندي آهي.

---

[1] ... شعب الايمان، باب فی الصلوات، جلد:3، صفحہ:39، حديث:2807۔

❖ نماز پڙهڻ سان رحمت نازل ٿيندي آهي. ❖ الله پاڪ محشر جي ڏينهن نمازيءَ سان راضي ٿيندو. ❖ نماز دين جو ٿنڀ آهي. (شعب الايمان جلد3 ص39، حديث:2808) ❖ نماز سبب گناهه معاف ٿيندا آهن. (معجم ڪبير جلد6 ص250، حديث:6125) ❖ نماز دعائن جي قبوليت جو باعث آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز بيمارين کان بچائي ٿي. نماز سان بدن کي سڪون ملي ٿو. ❖ نماز سبب روزيءَ ۾ برڪت ٿيندي آهي. ❖ نماز بي حيائي ۽ برن ڪمن کان بچائيندي آهي. ❖ نماز شيطان کي ناپسند آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز قبر جي اونداهي ۾ اڪيلائپ جي ساٿي آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز نيڪين جي پُڙن کي وزني بڻائيندي آهي. (تنبيه الغافلين ص151) ❖ نماز مؤمن جي معراج آهي. (مرقاة المفاتيح جلد1 ص116) ❖ نماز کي وقت تي ادا ڪرڻ سمورن عملن کان افضل آهي. (تنبيه الغافلين ص 151) ❖ نمازي جي لاءِ سڀ کان وڏي نعمت اها آهي ته هُو قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جو ديدار ڪندو.[1]

لهٰذا زندگي ۾ جيڪڏهن ڪا نماز قضا ڪئي آهي ته ان کان توبه ڪري آينده وقت تي ۽ جماعت سان نماز پڙهڻ جو اهتمام فرمايو، قضا نمازن جي ادائيگي ڪهڙي طرح ڪرڻ گهرجي ان جي لاءِ امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري جو رسالو قضا نمازن جو طريقو(حنفي) پڙهي وٺو!

اندھیری قبر کا دل سے نہیں نکلتا ڈر | کروں گا کیا جو تُو ناراض ہو گیا یا ربّ!
گناہگار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں | کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یا ربّ!

## ملاوٽ ۾ خيانت ڪرڻ واري جو عبرتناڪ انجام

حضرت عبدُالحميد بن محمود رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي خدمت ۾ ڪجھ ماڻهو حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اسان حج جي

[1] ... فيضانِ نماز، صفحه:10، 11 بتقدم و تاخر۔

سفر جي ارادي سان نڪتا آهيون، مقام صِفاح تي اسان جي قافلي جو ماڻهو فوت ٿي ويو آهي. اسان جڏهن ان کي دفنائڻ جي لاءِ قبر کوٽي تہ هڪ تمام وڏو ڪارو نانگ ويٺل نظر آيو، جنهن قبر کي پيري رکيو هو، اُن کي ڇڏي ڪري ٻي قبر کوٽي تہ اُن ۾ بہ اهو ئي نانگ نظر آيو. اوهان جي خدمت ۾ هن مسئلي جي حل لاءِ حاضر ٿيا آهيون. حضرت عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: هي سندس خيانت جي سزا آهي جيڪو اهو ڪندو هو. توهان ڪيس انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيو، خدا جو قسم! جيڪڏهن هن دنيا جي سڄي زمين بہ کوٽي وجي، تڏهن بہ هر جڳهہ اهو ئي ڏسندا. آخرڪار اسان اُن کي نانگ سان پريل قبر ۾ دفنائي ڇڏيو. واپس اچي ڪري اسان سندس سامان ان جي گهر وارن کي ڏئي ڇڏيو ۽ ان جي بيواهہ کان سندن عملن جي باري ۾ سوال ڪيو تہ اُن ٻڌايو: هي ڪاڌو وڪڻندو هو ۽ اُن ۾ خيانت ڪندو هو اهڙي طرح جو ان مان پنهنجي گهر وارن جي لاءِ ڪجهہ ڪڍي وٺندو هو پوءِ گهٽتائي پوري ڪرڻ جي لاءِ اُن ۾ اوتري ئي ملاوٽ ڪري ڇڏيندو هو. (1)

| | |
|---|---|
| سانپ لپٹیں نہ میرے لاشے سے | قبر میں کچھ نہ دے سزا یاربّ! |
| گر کفن پھاڑ کے سانپوں نے جمایا قبضہ | ہائے بربادی! کہاں جا کے چھپوں گا یا ربّ! |

پيارا اسلامي ڀائرو! 2 بري عملن جي ڪري ان شخص جي قبر جهنم جي کڏ بڻجي وئي: (1) خيانت ڪرڻ (2) ملاوٽ ڪرڻ، هي ٻئي نهايت خراب ڪم آهن ۽ قرآن ۽ حديث ۾ اُن کان منع ڪيو ويو آهي. الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ وَ تَخُوْنُوْۤا اَمٰنٰتِكُمْ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۷﴾ (پاره:9، الانفال:27) | ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي رسول سان دغا نہ ڪيو ۽ نہ ڄاڻي واڻي پنهنجي امانتن ۾ خيانت ڪيو. |

[1]…شعب الايمان، باب فی الامانات ووجوب ادائها الی اهلها، جلد:4، صفحہ:334، حديث:5311۔

## خيانت منافقت جي علامت آهي

نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: 3 ڳالهيون اهڙيون آهن جنهن ۾ پاتيون وڃن، اهو منافق ٿيندو جيتوڻيڪ نماز، روزي جو پابند ئي ڇونہ هجي: (1) جڏهن ڳالهہ ڪري تہ ڪوڙ هڻي (2) جڏهن وعدو ڪري تہ خلاف ورزي ڪري (3) جڏهن امانت ان جي حوالي ڪئي وڃي تہ خيانت ڪري.[1]

## باهہ جا 2 جبل

روح البيان ۾ آهي: جيڪو ماپ تور ۾ خيانت ڪندو آهي، قيامت جي ڏينهن اُن کي دوزخ جي گهرائين ۾ وڌو ويندو ۽ باهہ جي 2 جبلن جي وچ ۾ اتاري حڪم ڏنو ويندو، هنن جبلن کي ماپيو ۽ توريو! جڏهن تورڻ لڳندو تہ باهہ ان کي ساڙي ڇڏيندي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! خوب غور فرمايو! مختصر زندگي ۾ ڪجهہ فاني سڪا حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪڏهن بي ايماني ڪئي تہ ڪيتري قدر سخت عذاب جي وعيد آهي. اَڄ معمولي گرمي برداشت ناهي ٿيندي تہ جهنم ۾ باهہ جي جبلن جي تپش ڪيئن برداشت ٿيندي! خدارا! پنهنجي حالت تي رحم ڪندي مال جي حوس کان پري رهو، نہ تہ حرام مال ٻنهي جهانن ۾ وبال ئي وبال ثابت ٿيندو.

## ماپڻ ۾ بي احتياطي جي سبب سزا

حضرت حارث مُحَاسِبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ اناج ماپڻ واري هن ڪم کي ڇڏي ڏنو ۽ عبادتِ الٰهي ۾ مشغول ٿيو. جڏهن اهو مري ويو تہ اُن جي ڪجهہ

---

[1]… مسلم،کتاب الایمان ،باب بیان خصال المنافق، صفحہ:46، حدیث:59بتصرف۔

[2]… روح البیان، پارہ:29، سورۂ مطففین، زیرِ آیت:1، جلد:10، صفحہ:370۔

احباب انهن کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: مافَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ تو سان ڪهڙو مُعاملو فرمايو؟ ان چيو: منهنجو اهو پيمانو جنهن سان مان اناج وغيره ماپيندو هيس، اُن ۾ منهنجي بي احتياطي سبب مٽي ڄمي وئي هئي جنهن کي مون لاپرواهي جي ڪري صاف نہ ڪيو تہ هر پيري ماپڻ جي وقت اُن مٽي جي برابر گهٽ ٿي ويندو هو. مان ان قصور جي ڪري غضب ۾ مبتلا آهيان. (1)

## قبر مان رڙين جو آواز

اهڙي طرح هڪ ٻيو شخص بہ پنهنجي ٽَرازو(ساهمي) کي مِٽي وغيره سان صاف نہ ڪندو هو ۽ اهڙي طرح شيءِ توري ڇڏيندو هو. جڏهن هُو مئو تہ اُن کي بہ قبر ۾ عذاب شروع ٿي ويو. ايستائين جو ماڻهن اُن جي قبر مان رڙين جون آواز ٻڌو. ڪجھ نيڪ ماڻهن کي قبر مان رڙين جو آواز ٻڌي ڪري رحم اچي ويو ۽ انهن ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪئي تہ ان جي برڪت سان الله پاڪ ان جي عذاب کي پري ڪري ڇڏيو. (2)

## حرام ڪمائي ڪيڏي ويندي آهي؟

هنن واقعن ۽ روايتن مان اهي ماڻهو ضرور درس ۽ عبرت حاصل ڪن جيڪي بي ايماني ڪندا ۽ گهٽ توريندا آهن. بي ايماني ڪري گهٽ ماپي ڪري بعض اوقات بظاهر مال ۾ ڪجھ زيادتي نظر اچي بہ ويندي آهي پر اهڙي آمدني ڪهڙي ڪم جي! ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ بہ هن قسم جو مال وبال بڻجي ويندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڊاڪٽرن جي فيسن. بيمارين جي دوائن.

---

[1]…تنبیہ المغترین، الباب الاول، و من اخلاقہم کثرۃ الخوف من اللہ تعالی ان یعذبہم...الخ، صفحہ:47۔

[2]…تنبیہ المغترین، الباب الاول، و من اخلاقہم کثرۃ الخوف من اللہ تعالی ان یعذبہم...الخ، صفحہ:48۔

ڪيسو ڪٽيندڙن، چورن يا رشوت خورن جي هٿن ۾ هي مال هليو وڃي ٿو پوءِ مَعاذَالله آخرت جو سخت عذاب بہ ڀوڳڻو پئجي وڃي.

ڪرلے توبہ ربّ کی رَحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## ملاوٽ جي تعريف

پيارا اسلامي ڀائرو! هنن واقعن مان هي بہ معلوم ٿيو تہ ملاوٽ ڪرڻ جي ڪري قبر جهنم جي ڪڏ بڻجي ويندي آهي. انهي ڪري ضروري آهي تہ اسان ملاوٽ کان بہ بچون. مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ملاوٽ مان مراد هي آهي تہ شيءِ جو عيب لڪائي ڪري وڪڻي ڇڏڻ يا اصل ۾ نقل ملائي ڇڏڻ.(1)

## جيڪو ملاوٽ ڪري اهو اسان مان ناهي

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اَناج جي هڪ ڍير وٽان گذريا تہ پنهنجو هٿ مبارڪ ان ۾ وڌائون، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آڱرين اُن ۾ آلاڻ محسوس ڪئي تہ ارشاد فرمايائون: اي اناج وارا! هي ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اُن تي بارش جو پاڻي ڪريو آهي. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تہ پوءِ آلي اناج کي تو ڍير جي مٿان ڇونہ رکيو تہ جيئن ماڻهو ان کي ڏسي وٺن ها، جيڪو ملاوٽ ڪري اهو اسان مان ناهي.(2)

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: غالباً دڪاندار کي هي خبر نہ هئي تہ هي بہ جرم آهي. اهو

---

[1]... مراة المناجيح،جلد:5، صفحہ:254۔

[2]... مسلم، كتاب الايمان، باب قول النبيّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم من غشّنا فليس منّا، صفحہ:57،حديث:102۔

سمجهي رهيو هو تہ پاڻ هٿ سان آلو ڪرڻ گناهہ آهي، جيڪو بارش سان قدرتي طور آلو ٿي وڃي اُن ۾ اسان جو ڪهڙو گناهہ آهي؟ هن حديث پاڪ مان 2 مسئلا معلوم ٿيا: (1) هي تہ واپار واري شيءِ جو عيب لڪائڻ گناهہ آهي بلڪ خريدار کي عيب ٻڌائي تہ اهو چاهي عيبدار سمجهي ڪري خريد ڪري، چاهي نہ خريد ڪري. (2) هي تہ واپار جي شيءِ ۾ عيب پيدا ڪرڻ بہ جرم آهي ۽ قدرتي پيدا ڪيل عيب کي لڪائڻ بہ جرم آهي.[1]

## کير ۾ ملاوٽ ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! کير ۾ ملاوٽ ڪرڻ واري جي لاءِ بہ سخت وعيد آئي آهي، حضور نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: وڪڻڻ جي لاءِ جيڪو کير هجي اُن ۾ پاڻي نہ ملايو[2] ۽ حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ پيرو ڪٽان کان گذريا تہ ڏٺائون تہ هڪ شخص کير وڪڻي رهيو آهي، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کير ڏٺو تہ اُن ۾ پاڻي مليل آهي، ان کي فرمايائون: **ان وقت تنهنجو ڪهڙو حال هوندو جڏهن قيامت جي ڏينهن توکي چيو ويندو تہ کير کان پاڻي الڳ ڪيو.....!!!**[3]

اے ملاوٹ کرنے والے مان جا | خود کو یوں دوزخ کا ایندھن مت بنا

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ جنهن کير ۾ پاڻي ملايو پوءِ ان کي وڪڻيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن چيو ويندو: کير مان پاڻي ڪڍو حالانڪ اهو ان جي طاقت نہ رکندو هوندو.

---

[1] مرا ۃ المناجيح،جلد:4، صفحہ:272، 273 ملخصاً۔
[2] ( شعب الايمان للبیہقی ، باب فی الامانات ووجوب ادائهاالی اہلها ، ۴/ ۳
[3] شعب الايمان ، باب فی الامانات ووجوب ادائهاالی اہلها ، جلد:4، صفحہ:334، حديث:5310۔

## ڪير ۾ ملاوٽ ڪرڻ سان ڍورن جي هلاڪت

حضرت علامہ عبدالرحمٰن اِبن جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ ڪير وڪڻڻ وارو رهندو هو، ان جي عادت هئي تہ اهو ڪير ۾ پاڻي ملائيندو هو. هڪ ڀيرو سيلاب آيو ۽ ان جا ڍور( مينهن، ڳئون، ٻڪري وغيره) لوڙهي هليو ويو تہ هُو روئندي چوڻ لڳو تہ سيئي قَڙا ملي ڪري سيلاب ٻڻجي ويا.(1)

دُودھ میں پانی ملانا چھوڑ دو | اور ناجائز کمانا چھوڑ دو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گستاخ صحابہ جو انجام

پيارا اسلامي ڀائرو! قبر جي عذاب جو هڪ وڏو سبب صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ نيڪ ماڻهن جي گستاخي بہ آهي. جيئن تہ حضرت ابو اسحاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي هڪ ميّت کي غسل ڏيڻ جي لاءِ سڏيو ويو، جڏهن مون ان جي منهن تا ڪپڙو هٽايو تہ ڇا ٿو ڏسان تہ اُن جي ڪنڌ تي هڪ نانگ چنبڙيل هو، ماڻهن ٻڌايو تہ هي شخص صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي گاريون ڏيندو هو.(2) (3)

## صحابي جي قبر جي توهين ڪرڻ واري جو انجام

حضرت امام اَعْمَش رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ شخص حضرت امام حسن بن علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي مبارڪ قبر تي پيشاب ڪيو تہ اهو چريو ٿي ويو ۽ ڪتن جيان

---

[1]…بحرالدموع،الفصل الثانی والثلاثون، صفحہ:182۔

[2]… شرح الصدور، الباب الرابع و الثلاثون، باب عذاب القبر، صفحہ:125۔

[3]…موسوعة ابن ابی دنیا، کتاب القبور، جلد:6، صفحہ:83، رقم:129 ۔

پونڪڻ لڳو، پوءِ اهو مري ويو پر ان جي قبر مان رڙين ۽ پونڪڻ جو آواز پئي ايندو رهيو. (1)

## صحابہ هدايت جا تارا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! مَعَاذَاللّٰه! صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان کي گاريون ڏيڻ تمام سخت گناهہ پنهنجي قبر کي جهنّم جي کڏ بڻائڻ ۽ جهنم ۾ وڃي ويندڙ ڪم آهي. (2) صحابي سڀئي سڀ جهان جي مسلمانن کان افضل آهن. هي اهي هستيون آهن جن جي باري ۾ محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

اَصۡحَابِیۡ كَالنُّجُوۡمِ بِاَيِّهِمُ اقۡتَدَيۡتُمۡ اِهۡتَدَيۡتُم يعني منهنجا صحابہ تارن جيان آهن تہ توهان انهن مان جن جي پيروي ڪندا هدايت ماڻيندا. (3)

اعليٰ حضرت امام اهلسنت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

اہلسنّت کا ہے بیڑا پار اَصحابِ حُضُور | نَجم ہیں اور ناؤ ہے عِترَت رسول اللہ کی

وضاحت: يعني اهلسنت جو ٻيڙو پار آهي ڇوتہ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان انهن جي لاءِ تارن جيان آهن ۽ اهلبيت اطهار رَضِيَ اللّٰه عَنۡهم ٻيڙي جيان آهن ۽ سمندري سفر ۾ ٻيڙي بہ هجي ۽ رستو تلاش ڪرڻ جي لاءِ تارا بہ هجن تہ ٻيڙي ٻڏندي ناهي بلڪ پنهنجي منزل تي پهچندي آهي.

## صحابہ جي گستاخ تي لعنت

سرڪارِ مدينہ قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لعنت آهي اُن تي جيڪو

---

[1]… شرح الصدور، الباب الرابع و الثلاثون، باب عذاب القبر، صفحہ:126۔

[2]…غيبت کی تباہ کارياں، صفحہ:196۔

[3]…کشف الخفاء، جلد:1، صفحہ:118، حديث:381۔

منهنجي ڪنهن بہ صحابي کي گار ڏي. (1) ۽ هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن توهان ان کي ڏسو جيڪو منهنجي ڪنهن بہ صحابي کي برو چئي ٿو تہ توهان چئو توهان جي شر تي الله جي لعنت هجي. (2) يعني صحابہ ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان تہ خير ئي خير آهن توهان انهن کي برو چئو ٿا تہ اها برائي پاڻ توهان جي طرف ئي موٽندي آهي ۽ ان جو وبال توهان ئي تي پوندو آهي. (3)

ہر صحابیِ نبی! جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارانِ نبی! جنّتی جنّتی | حضرتِ صدیق بھی! جنّتی جنّتی
اور عمرِ فاروق بھی! جنّتی جنّتی | عثمانِ غنی! جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی! جنّتی جنّتی | ہیں حسن و حسین بھی! جنّتی جنّتی
والدینِ نبی! جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! جنّتی جنّتی
اور ابو سفیان بھی! جنّتی جنّتی | ہیں معاویہ بھی! جنّتی جنّتی

پيارا اسلامي ڀائرو! قبر جي عذاب جا ڪيا بہ ڪوڙ سبب آهن، الله پاڪ اسان کي انهن سڀني برائين کان بچڻ جي توفيق نصيب فرمائي. الله ڪري تہ اسان مرندي وقت تائين صحابہ ۽ اهل بيت ۽ تمام بُزرگانِ دين (اولياءِ ڪرام، علماءِ ڪرام ۽ نيڪ ماڻهن) جو اَدب ڪندا رهون. ڪاش! قبر ۽ جهنم جي عذابن کان ڇوٽڪاري جي خوشخبري ملي وڃي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]… ڪنزالعمال،ڪتاب الفضائل، ذڪر الصحابة و فضلهم، جزء:11، جلد:6، صفحہ:242، حديث:32474 ـ

[2]… ترمذی، ابواب المناقب عن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ، صفحہ:870، حديث:3870 ـ

[3]…مراة المناجيح،جلد:8، صفحہ:344ـ

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! امير اهل سنت مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت بلڪ ولي ڪامل آهن، پاڻ هر هفتي تي عشاء جي نماز ڪان پوءِ مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، يعني سڄي دنيا مان عاشقانِ رسول تفسير، حديث، شريعت، طريقت وغيره مختلف موضُوعن تي سوال ڪندا آهن، امير اهل سُنت انهن جا جواب عنايت فرمائيندا آهن. هي مدني مذاڪرو مدني چينل تي لائيو ٽيليڪاسٽ ٿيندو آهي. مدني مذاڪرو اصلاحِ عقائد و اعمال جو بهترين ذريعو آهي: ۞ اَلحَمدُلله! هاڻي تائين ڪيئي ڪافر مدني مذاڪرو ڏسي ڪري ڪلمو شريف پڙهي چڪا آهن ۞ لکين بي نمازي، ۞ نمازي بڻجي چڪا آهن، ۞ هزارين دلين جي اصلاح ٿي آهي. اوهان به مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ۞ علم دين حاصل ٿيندو ۞ محبت الٰهي ملندي ۞ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو ۞ گناهن ڪان نفرت نصيب ٿيندي ۞ نيڪي جو جذبو ملندو ۽ ۞ اخلاق و ڪردار ۾ به بهتري ايندي. تمام اسلامي ڀائر هر هفتي عشاء جي نماز ڪان پوءِ پابندي سان مدني مذاڪرو ڏسڻ جي نيّت ڪيو.

## ماڊرن نوجوان جي توبھ

منڊي بهاؤ الدين (صوبہ پنجاب، پاڪستان) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي ته دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ڪان پهريان مان فيشن جي هلاڪت ڪنڊڙ وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. هر وقت دل و دماغ تي فيشن جو ڀوت سوار رهندو هو ۽ نيڪين ڪان پري دُنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي زندگي برباد ڪري رهيو هئس. هڪ ڀيري هڪ مبلغ، دعوتِ اسلامي تحت

ٽيندڙ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جي ڀرپور ترغيب ڏياري، پوءِ الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان مون کي اعتڪاف جي سعادت ملي، اجتماعي اعتڪاف جو پُرڪيف ماحول، پُرسوز بيان، سحرو افطار جا روحاني منظر تمام سنا لڳا، وڌيڪ ڪرم اهو جو اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي علمي ۽ روحاني ”مدني مذاڪرن“ ۽ رقت انگيز دعائن دل مان گناهن جو مير صاف ڪري ڇڏيو. منهنجي گناهن سان ڀريل انڌيري زندگي ۾ عشقِ مصطفيٰ جي روشني ڦهلجي وئي. مون پنهنجي گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ سان بيعت جو شرف حاصل ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ڏاڙهي شريف سان چهرو سجائي ورتو، مٿي تي عمامي جو تاج سجايو ۽ سنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول اختيار ڪري ورتو.[1]

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی | صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## صراط الجنان ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي بہ عِلمِ دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ پاران هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جارِي ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: *Sirat ul Jinan Quran & Tafsir* (صراط الجنان قرآن اينڊ تفسير)هي ايپلي ڪيشن *Android* ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ ڪري استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن ايپلي ڪيشن ۾ ❁ مڪمل قرآن ڪريم ❁ اعليٰ حضرت، اِمامِ اهلسنت، شاه امام احمد رضا

---

[1]...بدچلن کیسے تائب ہوا؟، صفحہ:12تا 14 بتغير.

[2]...وسائلِ بخشش،صفحہ:180.

خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو لکيل اردو ترجموڪنزالايمان ❁ جديد دور مطابق نهايت آسان اردو ترجمو، ترجموڪنز العرفان ۽ ❁ آسان انداز ۾ لکيل، اُردُو جي سڀ کان جديد تفسير تفسير صراط الجنان شامل آهي.❁ روزانو تلاوت ڪئي ويندڙ سورتن کي الڳ سان جمع ڪيو ويو آهي ❁ مدني چينل تي هلڻ واري تفسير قرآن ۽ مختلف قرآني پروگرام به هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي آساني سان ڏسي سگهو ٿا ❁ وڏيڪ هي ته قرآني آيتن کي، ترجمي ۽ تفسير کي واٽس اپ (*WhatsApp*)، فيس بُڪ (*Facebook*) وغيره تي پنهنجي دوستن سان شيئر به ڪري سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، عِلمِ دين سکو ۽ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمايو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب       صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاھ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهٽ کائڻ سنّت آهي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جڏهن ٻانهو پنهنجي ڪاڏي ۾ گهٽتائي ڪندو آهي ته ان جو سينو نور سان ڀريو ويندو آهي.(2)

---

[1]...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2 جامع صغير، صفحہ:35،حديث:469۔

اي عاشقانِ رسول! گھٽ کائڻ سنّت آھي ❁ اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيستائين دنيا ۾ تشريف فرما رهيا، ڪڏهن بہ لاڳيتو 2 راتيون پيٽ ڀري نہ ڪاڌائون پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بکَ جي سبب پيٽ تي پٿر ٻڌندا هئا.

ڪاڌي جي مقدار جي باري ۾ احڪام:

بُکَ رکي کري کائڻ سنّت آھي. جيتري بُک آھي، اوترو کائي وٺڻ مباح آھي (يعني ان ۾ نہ گناھ، نہ ثواب). پيٽ ڀري کري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو گمان هجي، حرام آهي. پيٽ ڀري اوترو کائڻ جو پيٽ خراب ٿيڻ جو انديشو نہ هجي مڪروھ آهي. غذا ۾ ايتري گھٽتائي ڪري ڇڏڻ جو فرائض جي ادائيگي ۾ خلل اچي، ناجائز آهي.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

غم کے بادَل چھٹیں قافلے میں چلو خوب خوشیاں ملیں قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں باب رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

1 بہارِ شَرِیْعت، حصہ:16، جلد:3، صفحہ:374ملخصًا ۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (1)

## (2) سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

## (3) رَحمت جا سٽر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1]...اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:151، خلاصۃً۔

[2]...اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:65۔

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطفي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود

---

[1]...قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحہ:277۔

[2]...اَفْضَلُ الصلاة، صفحہ:149۔

[3]...قَوْلُ البَدِيْع، باب اَوَّل، صفحہ:125۔

پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(1)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہ عَنْہما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(2)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.(3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]…الترغيب والترهيب، كِتَابُ الذِّكْرِ والدُّعَا، جلد:2، صفحہ:329، حديث:30ـ

[2]…مَجْمَعُ الزَّوائِد، كِتَابُ الْاَدْعِيَہ، جلد:10، صفحہ:254، حديث:17305ـ

[3]…تاريخ اِبْنِ عَسَاكِر، جلد:19، صفحہ:155، حديث:4415ـ